SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريه 1976

SINDH ACT NO. IX OF 1976

سنڌ مالي ايڪٽ، 1976

THE SINDH FINANCE ACT, 1976

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. اولهه پاڪستان ايڪٽ تي V مجريه 1958 ۾ ترميم.

Amendment of West Pakistan Act V of 1958.

3. اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر XXXII ۾ ترميم.

Amendment of West Pakistan Act XXXII of 1958.

4. اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر XXXVIII مجريه 1964 ۾ ترميم.

Amendment of West Pakistan Act XXXVIII of 1958.

5. اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر XXXIV مجريه 1964 ۾ ترميم.

Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964.

6. اولهه پاڪستان حڪم نامه نمبر XX مجريه 1966 ۾ ترميم.

Amendment of West Pakistan Ordinance XX of 1966.

سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 1976

SINDH ACT NO. IX OF 1976

سنڌ مالي ايڪٽ، 1976

THE SINDH FINANCE ACT, 1976

[28 جون 1976]

سنڌ صوبي ۾ ڪن ٽيڪسز ۽ فين کي معقول بڻائڻ، نافذ ڪرڻ ۽ وڌائڻ بابت ايڪٽ.

تمهيد (Preamble)

اها تقاضا آهي تہ سنڌ صوبي ۾ ڪن ٽيڪسز (Taxes) ۽ فين (Fees) کي معقول بڻايو وڃي، اهي لاڳو ڪيون وڃن ۽ وڌايون وڃن،

ان لاءِ هن ريت ايڪٽ جوڙجي ٿو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ فنانس ايڪٽ، 1976 چيو ويندو.

(2) اهو جولاءِ، 1976 جي پهرين ڏينهن کان نافذ ٿيندو.

اولهہ پاڪستان ايڪٽ تي V مجريہ 1958 ۾ ترميم.

Amendment of West Pakistan Act V of 1958

2. سنڌ شهري غير منقولا ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾.

(i) دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (3_B) پوئتان ڏنل وضاحت ۾ هي نعم البدل ٿيندو:-

وضاحت: هن ذيلي دفعہ جي مقصد لاءِ، الڳ خالي پلاٽ جو مقصد آهي اهو پلاٽ جنهن تي پلاٽ جي ڏيڻ ذريعي منتقل ٿيڻ کانپوءِ ٽن سالن تائين پلاٽ جي مالڪ کا جاءِ نہ جوڙي هجي ۽ اهو ماڻهو منتقل ٿيل پلاٽ جي قبضي وٺڻ جو حقدار هجي.

(ii) دفعہ 4 ۾:-

(a) شق(c) ۾ لفظن "پنج سئو" بدران لفظ "ست سئو ۽

پنجاهه" ۽ لفظن "چار سئو بدران" لفظ "ڇهه سئو" متبادل بڻايا ويندا.

(b) شق (g) ۾ لفظن "هڪ هزار بدران" "هڪ هزار پنج سئو" کي متبادل بڻايو ويندو.

اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر XXXII ۾ ترميم.
Amendment of West Pakistan Act XXXII of 1958

3. 1958 واري سنڌ موٽر وهيڪل ٽيڪسيشن ايڪٽ جي شيڊول جي اسم (c) واري 5 نمبر واري داخلا جو هن ريت نعم البدل ٿيندو.

"(c) ويهڻ جي گنجائش، جيڪا چئن ماڻهن کان مٿي نه هجي، ۽

(i) 10 هارس پاور کان مٿي نه هجي .... 240 روپيه

(ii) 10 هارس پاور کان مٿي پر 18 هارس پاور کان گهٽ..... 280 روپيه

(iii) 18 هارس پاورس ۽ ان کان مٿي 400 روپيه

اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر XXXVIII مجريه 1964 ۾ ترميم.
Amendment of West Pakistan Act XXXVIII of 1958

4. سنڌ تمباڪو ويندڙ ايڪٽ، 1958 جي دفعه 3 ۾ هن کي نعم البدل بڻايو ويندو:-

"3. ڊيلر جي لائسنس کانسواءِ ڪو به ماڻهو شهري علائقي ۾ تيار ڪيل تماڪ کي ٻڌي ۾ يا ريزڪي طور وڪڻڻ لاءِ رکي نه ٿو سگهي پر انهيءَ صورت ۾ لائسنس جي ضرورت درڪار ٿيندي جڏهن ڪوئي هاڪر، يا تماڪ جي پوک ڪندڙ هجي پوءِ اها پوک پاڻ ڪري پنهنجي گهرياتين يا هاري جي مدد سان ڪندو."

اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر XXXIV مجريه 1964 ۾ ترميم.
Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

5. سنڌ فنانس ايڪٽ 1964 ۾:

(i) دفعه 11 جي ذيلي دفعه (1) ۾ "44" جي انگن کي "78" جي انگن سان مٽايو ويندو.

(ii) ستين شيڊول ۾،

(a) ڪالم ٻئي جي 15 نمبر داخلا ۾ لفظ ”ٻہ“ کي لفظ ”تي“ سان بدلايو ويندو.

(b) داخلا نمبر 44، داخلائون نمبر45 کان 78 تائين رکيون ويندیون.

اولھ پاڪستان حڪم نامہ نمبر XX مجريہ 1966 ۾ ترميم.

Amendment of West Pakistan Ordinance XX of 1966

6. 1966 واري ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس جي دفعہ 30 کانپوءِ هي نئون دفعہ ملايو ويندو:

”31. جڏهن دفعہ 30 جي ذيلي دفعہ (2) مطابق تجويز ڪيل في مقرر وقت اندر نہ ٿي پياري وڃي، تہ تجويز ڪيل اختياري في پيارڻ جي مناسب سبب نہ ملڻ تي ڏنڊ مڙهي سگهي ٿي، جيڪو في کان مٿي نہ هوندو.“

شيڊول

سيريل نمبر	قسم	سالياني ٽيڪس
45	سائيڪل يا ٽہ پيريءَ جا واپاري	100 روپيہ
46	راندين جي دوڪانن جا مالڪ	100 روپيہ
47	انجنيئرنگ ورڪشاپن جا مالڪ	100 روپيہ
48	فالتو شين (Scraps) جا واپاري	100 روپيہ
49	ديال جي ڪاٺ جا واپاري	100 روپيہ
50	ميوون، خشڪ ميون ۽ ڀاڄيون وڪڻندڙ ۽ ڪاسائي	50 روپيہ
51	مٺائيءَ جا واپاري	50 روپيہ
52	آفيم، ڀنگ ۽ شراب جا دڪان	100 روپيہ
53	پيٽرول ۽ تيل جا واپاري	100 روپيہ
54	آٽو موبائيل سروسز اسٽيشنون	100 روپيہ
55	گنجين، ڪچن ۽ جورابن ٺاهڻ وارا	100 روپيہ
56	واڇين ۽ گهڙيالن جا واپاري	100 روپيہ

57	ڊراءِ ۽ ڪلينرس	100 روپيہ
58	سلائي ۽ پرت جي مشينن جا واپاري	100 روپيہ
59	پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ٺاهيندڙ	100 روپيہ
60	چمڙي جون شيون ٺاهيندڙ واپاري	100 روپيہ
61	ريڊي ميڊ گارمينٽس جا ٺاهيندڙ ۽ واپاري	100 روپيہ
62	سيڪنڊ هينڊ گارمينٽس جا واپاري	100 روپيہ
63	رڪ، لوهہ ۽ ٻين اهڙين شين جا واپاري	100 روپيہ
64	اٽي پيسڻ، چانور ڇڻڻ ۽ ڪپهہ ٽاڻڻ جا واپاري	100 روپيہ
65	موٽر ٽريننگ اسڪولن جا مالڪ	100 روپيہ
66	موٽر وهيڪل جي اسپيئر پارٽ جا واپاري	100 روپيہ
67	گدا ۽ پردا ٺاهيندڙ واپاري	100 روپيہ
68	عينڪن جي دڪانن جا مالڪ	50 روپيہ
69	جراحيءَ جي اوزارن جا واپاري	100 روپيہ
70	سئي جي پرت وارن دڪانن جا مالڪ	100 روپيہ
71	بسڪوٽن ۽ ڪٽمنڙن جا واپاري	100 روپيہ
72	پوليٽري فارمن جا مالڪ	100 روپيہ
73	ٽائيلس جا واپاري	100 روپيہ
74	ڊيري فارمن جا واپاري	100 روپيہ
75	شارٽ هينڊ ۽ ٽائيپ رائيٽنگ سيڪارڻ وارن ڪمرشل انسٽيٽيوٽ جا مالڪ	50 روپيہ
76	ٽيوبن جا واپاري	100 روپيہ
77	شربرتن ۽ آئيس ڪريم دڪانن جا واپاري	50 روپيہ
78	اهڙن هنڌ جا مالڪ جتي پئسن وٺڻ تي ڪا نمائش، ڪارڪردگي، ڪل پوڳ، راندين وغيره ڏيکارن، پر انهن ۾ استوڊيوز سينيمائون ۽ ٿيٽر شامل ناهن.	100 روپيہ

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.